س.ا.س سٽي سکر. ڪام

ڊجيٽل بوڪ پبلشر

www.sascitysukkur.com

ايڊيٽر

عبداللطيف انصاري

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

پوپٽ جهڙا گيت

ادل سومرو

(ٻارن جي لاءِ شاعري)

اسڪيچ

ادل سومرو

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com


پوپٽ جهڙا گيت
ادل سومرو

گلن جي ورڪا

شاعر جي دعا
سڀ ڪان پهرين ڳالهه
جن جمالي پلو ٽپالي
روبوٽ ـ مشيني ماڻهو
سڪر جو سٿر
سنڌ ڪان وچڙيل يار جو
نظم
ڪتاب وارو خواب
سوچ سمجهه جو ڪيل
گنجڙو گابار

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

پکين جو مشاعرو

جهسپير جي جهرڪي
ڪراچيءَ جو ڪانگ
بادڙ جي بلبل
تلهار جو طوطو
ٺٽيءَ جو مورُ

رانديڪن واري مائي
يارَ اسان کي پيارا آهن
پکوڙائيءَ جو هوڪو

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

جيتن جو مشاعرو

كوٽريءَ جو كوريئڙو
ستياريءَ جو ماكوڙو
موري جي مك
پنيور جي پنيوري
پيتاري جو پوپٽ

موهن جو دڙو بچايو
موسم جو گيتُ
عالم خان
ناني شاني
سيهڙ جي سالگرهه
علڻ فقير

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

شاعر جي دُعا

چنڊ تارن آبشارن جا ڏٺي
گُل ٻوٽن ۽ نظارن جا ڏٺي
ڇَر ڇولين ۽ ڪنارن جا ڏٺي

ڪين سندم سوچ جو ساگر سُڪي
ذات مُنهنجيءَ کي ڏهوٽي سَگهه ڏي
ٻارڙن لئہ گيت جيئن اهڙا لکان
پوپٽن جا رنگ سپُ تن ۾ پريان.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

سڀ ڪان پهرين ڳالهه

ڳالهه اسان جي سمجهه سياڻا
مکڙين جهڙا ننڍڙا راڻا

رکجي هردم صاف صفائي
ادا انهيءَ ۾ آهي چڱائي

وقت اجايو ڪينَ وڃاءِ
ڪوشش ڪر تُون آئيندي لاءِ

نندي وڏي کي ڪجي سلام
ڪجي سڀن سان مٺو ڪلام

سبق پنهنجي کي ڪينَ وسار
ڦرهي لک تون اکر سُڌار

محنت سان ئي عزت آهي
سستيءَ کي تون ڇڏ پيچائي

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ملڪ مٺي جو ماڻُ تُون آهي
ابي امان جو شان تون آهين

جي تون پاڙا محنت ڪندين
پنهنجي ديس جو نالو ڪيندين.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ڄُمن جمالي پلو ٽپالي

ڳوٺ پنهنجي جو ڄُمن جمالي
آهي ڏاڍو پلو ٽپالي

ننڊ مان جلدي آهي اٿندو
سنبري سائيڪل تي آ چڙهندو
اسٽيشن تي تڪڙو پُڄندو
اتان ٿيلهي ۾ خط هو ڪڍندو
خط ڪڍي وري واپس ورندو
پوءِ خطن تي مهرون هڻندو
ڦيرا پائي منجهند ڏاري
ڪندو خطن جو ٿيلهو خالي
ڳوٺ پنهنجي جو ڄُمن جمالي

گرمي سردي ڏسندو ناهي
برساتن ۾ ويهندو ناهي
هردم خاڪي وردي پائي
پيارن جا پيغام پُڄائي
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ خط ورهائي
اڻپڙهيلن کي پڙهي ٻڌائي
ڳوٺ جي مڙني ماڻهن ڪان

سندس نوڪري آهي نرالي
ڳوٺ پنهنجي جو جُمن جمالي

نندي وڏي کي صحيح سُجاڻي
تن لئہ خط ۾ تارون آڻي
جتي جتي هو ويندو آهي
ماڻُ اتي هو لهندو آهي
ڪڏهن بہ ڪاوڙ ڪندو ناهي
هر دم کلندو رهندو آهي
جيئڻ وارو سندس طريقو
جڳ ۾ سچ پچ آهي مثالي
ڳوٺ پنهنجي جو جُمن جَمالي
آهي ڏاڍو پلو ٽپالي.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

روبوٽ ـ مشيني ماڻهو



سائنس جو هي جادو آهي
لوهي ماڻهو ٿو ڳالهائي.

ڪالهه تصور اڄُ حقيقت
سڄي دنيا ڪي آهي حيرت
آدم پنهنجي عقل سان پارو
چاچا چڙيو آهي ٻڻائي
لوهي ماڻهو ٿو ڳالهائي.

پُرزن جو هي نهيل آ سارو
هر ماڻهوءَ ڪان آهي سگهارو
سارا ڪم ڪري ٿو تڪڙا
وقت ڏئي ٿو گهڻو بچائي
لوهي ماڻهو ٿو ڳالهائي.

ماڻهن وانگر گهمي ڦري ٿو
ڪاڏو پاڻي ڪينَ گهُري ٿو
انسانن جي فائدي خاطر
هر ڪم ۾ ٿو هٿُ ونڊائي
لوهي ماڻهو ٿو ڳالهائي.
سائنس جو هي جادو آهي.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

سکر جو سُر



سنڌ سڄيءَ ۾ ٽيون نمبر
ڏسو هي سهڻو شهر سکر

ڪرڙيءَ جو ميدان هتي
سنڌوءَ جو وڏو شان هتي
تفريح سان گڏُ چاڻَ پريو
آهي سجايو هيءُ سفر
ڏسو هي سهڻو شهر سکر

معصوم شاه جو هي آ منارو
ان تان ٿئي ٿو خوب نظارو
ماضيءَ هو هي منظر پيارو

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

پري کان ايندو آهي نظر
ڏسو هي سهڻو شهر سکر

آدم شاهه جي ٽڪريءَ چڙهبو
ساڌ - ٻيلي ٻيڙيءَ تي هلبو
پُل جي پريان هلي ڏسبو
وچ درياهه ۾ پيٽُ بکر
ڏسو هي سهڻو شهر سکر

سج لهڻ تي آهي هاڻ
گهمڻ هلون ٿا لب مهراڻ
ٻرَاج کان موتي ڏسنداسين
وچ شهر ۾ گهنٽا گهَرُ
ڏسو هي سهڻو شهر سکر.

سنڌ ڪان وڇڙيل يار جو نظم



هجن پنک مونکي اڏامي وڃان
وڃي سنڌ پنهنجي امڙ مان ڏسان

آهي آس دل ۾ اهائي اجا
امان! هڪ پيرو مانتو وٽ اچان

جي بادل ڪو پورو مان بڻجي پوان
ٿريلين جي پياسي ولر تي وسان

وٿان روپ جيڪر هوائن جو مان
وڃي سنگ ڪيتن ۾ تنهنجا چمان

جي سنڌي ٻوليءَ جو شاعر هُجان
فقط گيت ڏرتي مان تُنهنجا لکان.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ڪتاب وارو خواب

رات ڏٺو مون هڪڙو خواب
ڏٺم خواب ۾ سهڻو ڪتاب
ڪتاب مونکي سارڻ ڪري
وٺي هليو هو ٿورو پري
ڪتاب مونسان ڳالهايو پئي
ور ور مونکي سمجهايو پئي
پيائو! گهڻو نہ رُلندو ڪر
ڪٽي تُون مونکي پڙهندو ڪر
جي تون مونسان سنگت رکندين
سڄي حياتي سکيو رهندين
ڪتاب مونکي ڪلندي چيو
هڪ جاءِ ڏانهن ڏسندي چيو
مُنهنجو گهَرُ آ ڪُتب خانو
هتي ايندو ڪر تُون روزانو
ڳالهه ڪتاب جي ڪيو اثر
وقت بچائي مان اڪثر
ڪتب خاني ويندو آهيان
سمجهه وڌائي ايندو آهيان.

سوچ سمجھ جو کيلُ



سوچ سمجهه جو کيلُ نيارو
پيچو ڳُجهارت پيارا ٻاروسوچ سمجهه جوکيلُ

سوچ سمجهه جو کيلُ نيارو
پيچو ڳُجهارت پيارا ٻارو
هڪ پکيءَ جو پيارو ڍنگُ آ
چهنب ڏِگهي ۽ ڪارو رنگُ آ
جنهن اوهان ڪان لولي کسي آ
ٻڌايو ٻارو کهڙو پکي آ؟

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

اهڙا ڳجهارت اسان پڇي آ
اهو ته سائين ڪانگ پکي آ.

پوشاڪ سائي ڳاڙهو ڳانو
ٻوليون ٻولي ڳائي ترانو
چُوري جنهن لاءِ رکي آ
ٻُڌايو ٻارو ڪهڙو پکي آ؟

اهڙا ڳجهارت اسان پڇي آ
اهو ته سائين طوطو پکي آ.

تيز اڏامي پيئي نه ڪائي
پَل ۾ اُڀ سان تو ڳالهائي
انهيءَ جي رفتار تکي آ
ٻڌايو ٻارو ڪهڙو پکي آ؟

نٿي پڇي هيءَ اوهين ٻُڌايو
ڏَسي ڳُجهارت چارڻ وڌايو
انهيءَ پکيءَ جو نانءُ جهاز
آهي جنهن جو تيز آواز.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ٿرن برن ۾ رهندو آهي
بادل ڏسندي نچندو آهي
سونهن انهيءَ جي صاف سچي آ
ٻڌايو ٻارو ڪهڙو پکي آ؟

اها ڳجهارت اسان ٻجھي آ
اهو نه سائين مورُ پکي آ.

گنجڙو گابارُ

ڏسو هي گنجڙو گابار
آهي نانءُ سندس منٺار
ڪري ٿو ڪڪڙين جو واپار
ٽڪرُ آ جنهن جي جلويدار
ڪنهن سان ڪين ڪري تڪرار
سندس آ سيني سان سهڪار
ويهي ڪين رهي بيڪار
ڪري نه محنت کان انڪار
هردم همت سان هوشيار
وندي ٿو سيني سان هو پيارُ
وڏو پرُ آهي هو فنڪار
ڪري چاٽي ٿو هر اظهار
سندس آ جت ڪٿ ناماچار
چاهي ٿو جنهن کي هرڪو پارُ
ڏسو هي گنجڙو گابار.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

پکين جو مشاعرو

حصو ونندڙ پکي

جهمپير جي جهرڪي

ڪراچيءَ جو ڪانگ

بادھ جي بلبل

مٺيءَ جو مور

تلهار جو طوطو

جهمپير جي جهرڪي

مُنهنجو نالو جم جم جهرڪي
روز پوان ٿي پٽ تان ترڪي

ٻاڪ ڦٽيءَ جو جاڳيي آن ءُ
رب جو ساريان منٺو نان ءُ

چون چون مُنهنجي آهي ٻولي
منٺڙي ۽ سپ ڪان سولي

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

چوڳي خاطر آءُ اڏامان
ڪنهن ڪان مُور نہ ڪسي ڪانوان

ڪڪن پکن جو هڪ آکيرو
مُنهنجو آهي ماڳ پليرو.

ڪراچيءَ جو ڪانگ

مونکي ٻالڪ وڻندا آهن
پيار مان ڪانگل چوندا آهن

رستي ويندي ٻارن ڪان
ڪين ٿو هاڻي لولو ڦران

جي ٿي ٿورو سياڻو ٿيان
ٻہ ٿنگو ٿو ڦاسان مان

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

توڙي رنگ جو ڪارو آهيان
پوءِ به سڀ ڪان پيارو آهيان

صبح سويري آءُ اٿان
سانجهيءَ ڏاري موٽي اچان

ولر پنهنجي سان آءُ اڏامي
وڃي وڻن تي ٿيان آرامي.

ٻاڊهه جي بلبل

ٻٻلي بلبل مُنهنجو نالو
گيتن ۾ آ سندم حوالو

شاعر مُنهنجي ڪن واکاڻ
وندر آهيان ٻارن ڪاڻ

جهرڪي مُنهنجي آهي سرتي
ڪوئل ڪان مون سکيا ورتي

باغن ۾ تي ٻوليون ٻوليان
ڪليل هوا ۾ پرڙا کوليان

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

جڏهن ڏسان ٿي ماريءَ کي
وڃي ويهان ٿي ٿاريءَ ٿي

هانءُ نہ پنهنجو هاريان مان
هردم خوش گذاريان مان.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ٽلهار جو طوطو

مُنهنجو نالو طوطو خان
ڪين ڪيان ٿو ڪو نقصان

گيت لکيو مون آهي هڪڙو
پنهنجن ساون ڪنين جهڙو

ڳاڙهي چهنب سان صبح شام
مرچ ۽ ميوا کانوان جام

جڏهن ڪيان ٿو مان گُفتار
خوش ٿين ٿا ٻُڍا ۽ ٻار

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

اٿم ڳچيءَ ۾ ڳاڙهو ڳانو
مونکي چاهي سچو زمانو

آهي پر ارمان اهو
ماٽهن جوڙيو مون لئہ پڃرو.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

سٽيءَ جو مورُ

اوهان جو ٿورو وقت وٺان ٿو
پنهنجي ننڍڙي ڳالهه چوان ٿو

ٿرن برن ۾ آءٌ اڏامي
ڪارونجهر تي روز ڪڏان ٿو

سونهن صفائيءَ ساڙ رهان ٿو
سپن پکين ۾ مان لهان ٿو

جڏهن اچن ٿا بادل پرجي
تڏهن خوشيءَ مان خوب نچان ٿو

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

پنهنجا　كارا　پير　ڏسان　ٿو
نچندي　نچندي　روئي　پوان　ٿو

وٽندڙ　آهن　مُنهنجا　كنپ
مولا　جا　احسان　مڃان　ٿو

مور　پكي　آ　مُنهنجو　نالو
ڇگو　اي　يارو　آءُ　هلان　ٿو.

رانديڪن واري مائي

مائي اوڏڻ آئي آهي
مٽيءَ جا رانديڪا ٺاهي

مائي اوڏڻ جڏهن اچي ٿي
هوڪو ڏيئي ٻار سڏي ٿي
هرڪو ڊوڙي ان وٽ پڄندو
گهر ۾ ٻارُ ڪو رهندو ناهي
روپيو ڏيئي اوڏڻ کي
رانديڪا مون ورتا ٿي

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

گھوڙو هاٿي ۽ خچر
ٿيئي آيس گهر ۾ ڪاهي
هاٿي ڏنم ياءُ ٻچل کي
گھوڙو ڏنم سوئٽ سچل کي
خچر رکيو مون پنهنجي لاءِ
چڙيو انهيءَ کي آچر ڏاهي
مائي اوڏڻ محنت واري
هر ٻالڪ کي آهي پياري
سٺا ۽ سستا آٽي رانديڪا
روئندڙ ٻارن کي پرچائي

مائي اوڏڻ آئي آهي
مٽيءَ جا رانديڪا ٺاهي.



WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ٻار اسان کي پيارا آهن

هي ٻار اسان کي پيارا آهن
پورا توڙي ڪارا آهن
سڀُ ٻار اسان کي پيارا آهن

مٺيءَ هي راند رهن ٿا
گلڙن وانگر خوب ٽڙن ٿا
ڌرتيءَ جا هي تارا آهن
هي ٻار اسان کي پيارا آهن

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

جڏهن ٻہ ٻالڪ ٿهڪ ڏين ٿا
ڏک سمورا دور ٿين ٿا

خوشين جا وسڪارا آهن
هي ٻار اسان کي پيارا آهن

نچندي ٽپندي روز ڪڏن ٿا
پل ۾ پريي وري رُسن ٿا
سندن ڍنگ نيارا آهن
هي ٻار اسان کي پيارا آهن

صبح سويري پڙهڻ وڃن ٿا
ڏسي هنن کي نيڻ ٺرن ٿا
آئيندي جا سهارا آهن
هي ٻار اسان کي پيارا آهن.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

پڪوڙائيءَ جو هوڪو

مُنهنجي هٿ تي بوڙي آءُ
ڪڙڪ پڪوڙا وٺي ڪاءُ

گيهه ۾ آنءُ تريندو آهيان
سڀ کان سستا ڏيندو آهيان

ٻن روپين ۾ پورو پاءُ
ڪڙڪ پڪوڙا وٺي ڪاءُ

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

مرچ، پٽاٽي واڱڻ وارا
شوق منجهان ٿو ٿاهيان سارا

جدا جدا سيني جو ساءُ
ڪڙڪ پڪوڙا وٺي ڪاءُ

ٻار ٻُڍا ۽ جوان ٿا ڪائن
ڪائي مُنهنجا ڳُڻ ٿا ڳائن

وريو آ مُنهنجي بخت جو واءُ
ڪڙڪ پڪوڙا وٺي ڪاءُ

مُنهنجا پڪوڙا هن مشهور
ڪائي وساري ڪوبہ نہ مُور

تُون بہ ڇهر ڪر مُنهنجا ياءُ
ڪڙڪ پڪوڙا وٺي ڪاءُ

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

جيتن جو مشاعرو

حصو وتندڙ جيت

ڪونڙيءَ جو ڪوريئڙو

متياريءَ جو ماڪوڙو

موري جي مک

پنيور جي پنيوري

پيتاري جو پوپٽ

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ڪوئڙيءَ جو ڪوريئڙو

جيت ننڍو هڪ آهيان آنءُ
ڪوريئڙو آ مُنهنجو نانءُ

آهيان ننڍڙو سمجهه سوائي
قدرت جي سپُ آهي پلائي

در درين تي چار وچائي
گذر ڪيان ٿو مکيون ڦاسائي

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

مڪيون بيماريون ٿيون ڦهلائن
مُنهنجا چار مڪيون ڳُٽائن

مڪيون مرن ۽ پچن بيماريون
پوءِ ته آهن پياءُ بهاريون

مُنهنجي محنت ياد ڪجو
ڪين ڪڍهن ٻارو پلجو.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ستياريءَ جو ماڪوڙو



کهڙي ڳالهه چوان مان پارو
حال آ مُنهنجو پورو سارو

جڏهن جيت پيا مونکي ڏسن
مامو ماڪوڙو چئي ڪلن

هونئن لڳان ٿو مان ڪمزور
ٻوڙڻ ۾ يَر آهيان زور

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ڪيان ٿو ڳولا ڪاڏي ڪاڻ
شوق سان ڪانوان مان مٿاڻ

مونجهه جڏهن محسوس ڪيان
ٿنڊڻ سان ڳڏجي گهمڻ وڃان.

موري جي مک



محنت ۾ مون عمر گُذاري
مک آهيان پر ماکيءَ واري

ڪين وڃايان مهل اجائي
پسند ڪيان ٿي آءُ صفائي

پنهنجي راڄ سان گڏجي مان
ماناري ۾ رهندي آهيان

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ٻين جي خاطر مان لوچان
محنت جو ٿي درس ڏيان

ڪين ڪيان جي ڪوشش مان
توهان ڪائيندا ماڪي ڪٿان

قائم آ اتحاد اسان ۾
هرڪا مَڪ آ شاد اسان ۾

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

پنيور جي پنيوري



مان ئي آهيان لال پنيوري
ٻالهه ڪيان ٿي پنهنجي ٿوري

ٻاڙهو وٽندڙ مُنهنجو رنگُ
آهي نرالو سڀ ڪان ڍنگُ

دل ٿي چاهي اپُ ڏي اڏران
وٽن پهاڙن تان مان گذران

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

پَر هي نازُڪ پرڙا مُنهنجا
آس نہ مُنهنجي پوري ڪن ٿا

ٻار جڏهن ٿا مونکي ڏسن
مُنهنجي پويان خوب ڊُڪن

ٻوڙي ٻالڪ ٿا ٿڪجن
مونکي پڪڙي ڪين سگهن.

پيٽاري جو پوپٽ

نازڪ ننڍڙو پوپٽ آهيان
ٻڌو اي ٻارو چاتو ٻُڌايان

الله جو احسان وڏو آ
جنهن هي سهڻو رنگُ ڏنو آ

هري هري ٿو اڏران مان
گُلن ڦُلن تان گذران مان

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

سُونهن جتي سُرهاڻ جتي
مُنهنجو آهي ماڳُ اتي

گُل ۽ مکڙيون مُنهنجا ساٿي
جن سان گهاريان سجي حياتي

مونکي پڪڙڻ خاطر ٻارَ
حيلا ڪن ٿا سَوَ هزار

نازڪ ننڍڙو پوپٽ آهيان
اُڏري پنهنجي جان بچايان.

موهن جو دڙو بچايو

سپني ساٿين کي جاڳايو
دڙو موهن جو يار بچايو

ٻڏي دڙي جي بربادي ۽ جو
ساري ۽ دنيا آ گهبرايو

فقط اسان جي دولت ناهي
آهي عالم جو سرمايو

تنهن مجي آ عظمت ان جي
جيڪو به ان کي ڏسڻ آيو

تاريخي اهڃاڻ هي پنهنجو
سستيءَ ۾ اڄُ ڪين مِٽايو

جاري سدا جاڳوڙ هُجي
ويهي نه پنهنجو وقت وڃايو

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

سيني جو سهڪار وٺي اڄُ
سم ڪلر کي دور ڀڄايو

قائم رهندو هي خزانو
هرڪم ٿيندو نيٺ سجايو

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

موسم جو گيتُ

جهڙُ ڦُڙ ميگهه ملهاري آهي
موسم ڏاڍي پياري آهي
سمنڊ ڪناري سير ڪرڻ جي
ٻارن ڪئي اڄُ تياري آهي.

وڻ ٽڻ ڌوپي اجرا ٿيا هن
خوش خوش سارا چهرا ٿيا هن
پکي ٻه مٺڙيون ٻوليون ڪن ٿا
واهه واهه باغ بهاري آهي
موسم ڏاڍي پياري آهي.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

گهمڻ ڦرڻ لئہ سارا سنبريا
سارنگ ساجن وارا سنبريا
پوپٽ جهڙا ڪپڙا پائي
سنبري راجڪُماري آهي
موسم ڏاڍي پياري آهي.

سيئي ٻالڪ ڏيان سان هلجو
پنهنجون شيون خيال سان کڻجو
هلو تہ ڊوڙِي هاڻِ چڙهون
لاري وڃڻ واري آهي
موسم ڏاڍي پياري آهي.

عالم خان



سپني ڪان ڏِگهو انسان
ڏسو هي پارو عالم خان

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ماٺهو هن ڪي بيهي ڏسن ٿا
ننڍڙا ٻالڪ ٻڌجي وڃن ٿا
ڏسي قداور هستيءَ کي
لوڪ سڄو آهي حيران
ڏسو هي ٻارو عالم خان.

سوڙهي گهر ۾ وڃي نه سگهندو
عام ڪٽن تي سُمهي نه سگهندو
موٽر ڪار ۾ گهُمي نه سگهندو
جتي به عالم خان وڃي ٿو
ملي ٿو هن کي ڏاڍو مانُ
ڏسو هي ٻارو عالم خان.

سورهن والن جي سُٿڻ پائي
ڏهه مانيون ويلي تي کائي
ماڻهن سان ويهي ڳالهائي
ملڪن ۾ مشهور ويو ٿيءُ
آهي اسان جو مُڙس مهان
ڏسو هي ٻارو عالم خان.

ناني شاني

سڄي پاڙي جي هڪڙي ناني
ٺلهي متاري ناني شاني

جڏهن به ناني ڪلندي آهي
جڻ ڪا سيٽي وڄندي آهي
وري جڏهن هو گهُمندي آهي
پاڻ ۾ ته ڏرتي ڏُڏندي آهي
آهي وزن ۾ توري ڳوري
هر ويلي تي هوءَ سگوري
پنجن چڻن جي ڪائي ماني
ٺلهي متاري ناني شاني.

ناني آهي قربن واري
سندس طبيعت آهي پاجهاري
ڪينَ ڪري ٿي ڪوئي جهيڙو
جِتي ٻه ويندي ٿيندو ميڙو
وات تي ڪنهن کي ڏسندي آهي
دُعائون ڪندي چوندي آهي
پُٽڙا! ماڻين شال جَواني
ٿلهي متاري ناني شاني

صبح سويري گهَر گهَر ويندي
ڪم ڪار جو سڀ ڪان پڇندي
پنهي هٿن چيبون ڪڻندي
هري هري بازار ڏي ويندي
سڄي پاڙي جا سودا وٺندي
سهڪي سهڪي واپس ورندي
ڪري سڀن تي مهرباني
ٿلهي متاري ناني شاني.

سيهڙ جي سالگرهه

جنم ڏينهن تي سيهڙ خان
گهڻا گهرايا گهر مهمان

ڪوئو آيو ڪارڊ ڇپائي
بگهڙ آيو بينڊ گهرائي

جنهن کي سيهڙ جو ڪارڊ مليو
سو دعوت تي آيو هليو

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

هرڻ ٻه آيو هارَ ڪٽي
سيهڙ ڪي ڏاڍي ڳالهه وٽي

ڪُتو ٻه ڀهتو سڌُ اونائي
سوٽ بوٽ سان ٽوپلو پائي

آخر ۾ آيو منڊڙو شيرُ
هر هر منڊڪائي پيرُ

سالگرهه جي سهڻي شام
مليا سيهڙ کي تحفا جام

شِينهن ٻڌيو هو مُک مهمان
وچ ۾ ويٺو سيهڙ خانُ

ڳڏڙ نچندي گيتُ ڳيو
سيهڙ سهڻو ڪيڪُ ڪٽيو

تاڙي وڄائي جهُمر پائي
سڀني چيو واهه واهه!
سيهڙ جي ٿي سالگرهه.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

علڻ فقير

موسيقيءَ جو مجلس ميرُ
آيو آهي علڻ فقير
لڳو مور جيان نچڻ فقير.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

اجرڪ جو ٿو پٽڪو پائي
تندُ تپائي وائي ڳائي
جهومي محفل ڪي گرمائي
ٻڌي علڻ جا ٻول ٻه ٿي
خوش ٿئي ٿو هر دلگيرُ
آيو آهي علڻ فقيرُ

آهي نرالو هي فنڪار
سنڌ ـ ثقافت جو سينگارُ
جوڳي، سامي ڪڏهن ڏنارُ
هر روپ ۾ خوب ٺهي ٿو
ساز ۽ سُر جو هي سفيرُ
آيو آهي علڻ فقيرُ.

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

ادل سومرو

WEB: www.sascitysukkur.com
E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com